# مڪئي - Maize



## زمين:

مڪئي جو فصل هر قسم جي زمين تي ٿئي ٿو پر زرخيز ۽ وڌيڪ نيڪال واري چيڪي زمين تمام موزون آهي. اهڙي طرح مڪئي جي پوک ۽ پيداوار لاءِ بهتر يا وڌيڪ نيڪال واري لٽاسي زمين جنهن ۾ وڌيڪ پاڻي جهلڻ جي صلاحيت هجي. جڏهن ته مڪئيءَ جو فصل 5.5 کان 8.5 زمين جي کارپڊ واري حد ۾ پوکي سگهجي ٿو. مڪئي جو فصل ڪلر وارين حالتن لاءِ غير موزون آهي ۽ ڪلراٺي زمين يا آبپاشي واسطي کارو پاڻي مڪئيءَ لاءِ موزون نه آهي.

## زمين جي تيار:

مڪئيءَ جي پوکي لاءِ نرم ۽ گهڻي تيار ٿيل زمين جي ضرورت آهي. جنهن کي 3 کان 5 هر ڏنا وڃن ۽ پتر پوري طرح پيڇڻ گهرجن. زمين جي تياريءَ لاءِ پهريون هر ڪنر يا مڙيل هر ذريعي ڏيڻ گهرجي. جڏهن ضرورت پوي ته زمين کي هموار ڪجي.

## پوکيءَ جو وقت:

اناج لاءِ مڪئي جي پوکيءَ واسطي جولاءِ جي پهرين هفتي کان 15 آگسٽ وارو وقت وڌيڪ موزون آهي. گاهه لاءِ مڪئي جي پوکي فيبروري جي شروع کان آڪٽوبر تائين ڪري سگهجي ٿي. جڏهن ته فيبروري ۽ مارچ ۾ پڻ مڪئي اناج لاءِ پوکي سگهجي ٿي.

## پوکيءَ جو طريقو:

مڪئي جو فصل اناج ۽ سائي گاهه لاءِ پوکيو وڃي ٿو. جيڪڏهن اناج لاءِ مڪئي ناڙي واري طريقي ذريعي پوکي وڃي ته بهتر آهي ۽ قطارن جي وچ وارو مفاصلو 60 سينٽي ميٽر کان 75 سينٽي ميٽر هجڻ گهرجي. جيڪڏهن مڪئي گاهه لاءِ پوکي وڃي ته ڇٽ وارو طريقو بهتر آهي.

## ٻج جو مقدار:

اناج لاءِ پوکيل مڪئي واسطي ٻج جو مقدار 12 کان 15 ڪلوگرام في ايڪڙ ڏيڻ گهرجي ۽ گاهه لاءِ پوکيل مڪئي واسطي 40 کان 50 ڪلوگرام في ايڪڙ استعمال ڪرڻ گهرجي.

## جنسون:

مڪئي جي پوکيءَ لاءِ سفارش ڪيل جنسون جهڙوڪ: اڪبر، نيلم، صدف، اڪيتي-72، سلطان، سنهري، DC-697, DC-59 ۽ ڪمپوزٽ-15 وغيره وڌيڪ پيداوار ڏيندڙ آهن.

## ڀاڻ:

زمين جي زرخيزي قائم رکڻ ۽ فصل مان وڌيڪ پيداوار وٺڻ لاءِ اهو ضروري آهي ته زمين ۾ وٿاڻ جو ڀاڻ يا ڪيميائي ڀاڻ ڏنو وڃي.

مڪئي جي فصل لڳائڻ کان 4 هفتا يا هڪ مهينو اڳ 15 کان 20 گاڏيون وٿاڻ جو ڀاڻ وجهي ۽

زمين ۾ چڱيءَ طرح ملايو وڃي. پر جيڪڏهن وٽاڻ جو ڀاڻ موجود نہ آهي تہ سائو ڀاڻ سفارش ڪيو وڃي. مڪئي جي فصل واسطي ڪيميائي ڀاڻ جو گهربل مقدار جنهن ۾ نائٽروجن 120 ڪلوگرام ۽ فاسفورس 60 ڪلوگرام في هيڪٽر ڏيڻ گهرجي.

## پاڻي:

اناج لاءِ پوکيل مڪئي جي فصل کي 6 کان 7 پاڻي ڏيڻ گهرجن. پهريون پاڻي 25 کان 30 ڏينهن پوکي بعد ڏيڻ گهرجي ۽ سلسليوار پاڻي 10 کان 15 ڏينهن جي وقفي ۾، فصل جي پچڻ تائين ڏيڻ گهرجي. جڏهن تہ گاهہ لاءِ پوکيل فصل کي 2 کان 3 پاڻي ڏجن.

## گُڏ ڪيڻ:

گندگاهہ سبب فصل جي پيداوار وڏيڪ اثر هيٺ اچي ٿي. تنهن ڪري اثرائتو گندگاهہ جو خاتمو فصل جي پيداوار ۾ اضافو آڻي ٿو. مڪئي جي فصل ۾ هر پاڻي ڏيڻ کان بعد ضرورت پوي تہ گُڏ ذريعي گندگاهہ جو خاتمو آڻڻ گهرجي. جڏهن تہ مڪئي ۾ ٻئي پاڻي ڏيڻ کان پوءِ فصل جي پاڙن تي مٽي چاڙهي وڃي تہ جيئن فصل ڪرڻ يا ليٽڻ کان بچي وڃي.

## لابارو:

مڪئي جي ڪٽائي سنگ پچڻ ۽ سنگ جي خشڪ ٿيڻ وقت ڪجي. سنگن کي اناج لاءِ پوکيل زمين مان ڪڍيو وڃي ۽ رهيل ڪانا ڪٽي ۽ سُڪايا وڃن، جيڪو بعد ۾ سڪل چاري لاءِ ڪتب اچي ٿو.

## پيداوار:

مڪئي جي في ايڪڙ اناج واري پيداوار 1000 کان 1600 ڪلوگرام آهي. جڏهن تہ 2500 کان 3000 ڪلوگرام ڪڙٻ ۽ 12000 کان 16000 ڪلوگرام في ايڪڙ سائو گاهہ ملي ٿو. مقامي جنسن مان اناج جي پيداوار 400 کان 500 ڪلوگرام في ايڪڙ ملي ٿي.


آءِ سي ٽي زرعي توسيعي مرڪز

ڊائريڪٽوريٽ جنرل زرعي توسيع، زراعت کاتو حڪومتِ سنڌ

ICT Agricultural Extension Services Center, Directorate General Agriculture Extension, Agriculture, Supply & Prices Department Government of Sindh, Block-F, Shahbaz Building Hyderabad.

Helpline: +92 3111646111 Email: ictagriextensionsindh@gmail.com

www.ictagrisindh.gov.pk